امير اهل سنت دامت برکاتہم العالیہ جي ڪتاب ”فيضان نماز“ جي هڪ قسط بنام

# فجر جي نماز جا فضائل

پنج نمازن ۾ فضيلت جي ترتيب

فجر جي نماز جي پابندي ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟

ننڊ ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو طريقو

جمعي جي فجر جي خصوصي فضيلت

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمّد الياس عطّار قادري رضوي**

دامت برڪاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **فجر جي نماز جا فضائل**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بـانيءِ دعوت اسـلامي، حضرت عـلامہ

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

جي ڪتاب ”فيضان نماز“ مان کنيل مضمون

# فجر جي نماز جا فضائل

**ترجمو**

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# فجر جي نماز جا فضائل [1]

**دعاءِ عطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”فجر جي نماز جا فضائل“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي هميشہ فجر جي نماز باجماعت پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون گذريل رات عجيب واقعو ڏٺو، مون پنهنجي هڪ اُمّتي کي ڏٺو جيڪو پلصراط تي ڪڏهن گِهلجي رهيو هيو ۽ گوڏن ڀر هلي رهيو هيو، ايتري ۾ اهو درود شريف آيو جيڪو ان مون تي موڪليو هيو، تنهن ان کي پلصراط تي بيهاري ڇڏيو ايستائين جو ان پلصراط پار ڪري ورتو.

(معجم ڪبير، جلد 25 ص 282، حديث: 39)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پنج نمازن ۾ فضيلت جي ترتيب

علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پنجن ئي نمازن ۾ سڀ کان افضل نماز عصر آهي پوءِ فجر جي نماز، پوءِ عشاء جي، پوءِ مغرب جي، ان کان پوءِ ظهر جي. ۽ پنجن ئي نمازن جي جماعتن ۾ افضل جماعت جمعي جي نماز جي جماعت آهي پوءِ فجر

[1] هي مضمون ڪتاب ”فيضان نماز“ مان ڪنيو ويو آهي

جي پوءِ عشاء جي. جمعي جي جماعت انتهائي افضل آهي جو ان ۾ ڪجهه اهڙيون خصوصيتون آهن جيڪي ان کي ٻين نمازن کان ممتاز ڪن ٿيون جڏهن ته فجر ۽ عشاء جي جماعت انتهائي فضيلت واري آهي جو انهن ۾ مشقت (يعني محنت) وڌيڪ آهي.
(فيض القدير جلد2ص53)

## نماز جي پابندي جنت ۾ وٺي ويندي

الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو ته مون تنهنجي امت تي (ڏينهن ۽ رات ۾) پنج نمازون فرض ڪيون آهن ۽ مون اهو عهد ڪيو آهي ته جيڪو انهن نمازن جي انهن جي وقت سان پابندي ڪندو ته مان ان کي جنت ۾ داخل ڪندس ۽ جيڪو پابندي نه ڪندو ته ان جي لاءِ مون وٽ ڪوئي عهد ناهي.
(ابوداؤد جلد1ص188،حديث:430)

## پنج نمازن جا عظيم الشان فضائل

امام فَقيهه اَبُو اللَّيث سَمَرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه(تابعي بزرگ) حضرت ڪَعْبُ الْاَحْبار رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان نقل ڪيو ته انهن فرمايو: مون ”تورات“ جي ڪنهن مقام ۾ پڙهيو (الله پاڪ فرمائي ٿو): اي موسٰي! فجر جون ٻه رڪعتون احمد ۽ ان جي امت ادا ڪندي، جيڪو انهن کي پڙهندو ان جي ڏينهن رات جا سڀئي گناهه بخشي ڇڏيندس ۽ اهو منهنجي حفاظت ۾ هوندو. اي موسٰي! ظهر جون چار رڪعتون احمد ۽ سندن امت پڙهندي انهن کي پهرين رڪعت جي بدلي بخشي ڇڏيندس ۽ ٻئي رڪعت جي بدلي انهن(جي نيڪين) جو پلڙو ڀاري ڪري ڇڏيندس ۽ ٽئين جي لاءِ ملائڪ مقرر ڪندس ته تسبيح (يعني

الله پاڪ جي پاڪي بيان) ڪندا ۽ انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا ۽ چوٿين رڪعت جي بدلي انهن جي لاءِ آسمان جا درواز کولي ڇڏيندس، وڏين وڏين اکين واريون حورون انهن تي شوق پريون نگاهون وجهنديون. اي موسٰي! عصر جون چار رڪعتون احمد ۽ سندن امت پڙهندي تہ ستن ئي آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪوبہ ملائڪ باقي نہ بچندو، سڀ جا سڀ انهن جي لاءِ مغفرت جي دعا گهرندا ۽ ملائڪ جنهن جي مغفرت چاهيندا مان ان کي هرگز عذاب نہ ڏيندس. اي موسٰي! مغرب جون ٽي رڪعتون آهن، انهن کي احمد ۽ سندن امت پڙهندي (تہ) آسمان جا سيئي دروازا انهن جي لاءِ کولي ڇڏيندس، جنهن حاجت جو سوال ڪندا ان کي پورو ڪندس. اي موسٰي! شفق (امام اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي ويجهو شفق اُن اڇاڻ جو نالو آهي جيڪا مغرب ۾ ڳاڙهاڻ لهڻ کان بعد صبح صادق جيان ڦهليل هوندي آهي) لهڻ وقت يعني عشاء جون چار رڪعتون آهن، انهن کي احمد ۽ سندن امت پڙهندي، اهي دنيا ۽ ان جي هر شيءِ کان وڌيڪ انهن جي لاءِ بهتر آهن، اهي انهن کي گناهن جي دلدل مان ائين ڪڍنديون جيئن هينئر ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيا آهن. اي موسٰي! وضو ڪندا احمد ۽ سندن امت جيئن منهنجو حڪم آهي، مان انهن کي هر پاڻي جي ڪرنڊڙ قطري جي بدلي جنت عطا فرمائيندس جنهن جو ڦهلاءُ آسمان ۽ زمين جي ويڪر برابر هوندو. اي موسٰي! هڪ مهيني جا روزا رکندا احمد ۽ سندن جي امت ۽ اهو ماهِ رمضان آهي، مان عطا فرمائيندس ان جي هر ڏينهن جي روزن جي بدلي جنت ۾ هڪ شهر ۽ عطا ڪندس ان ۾ نفل جي بدلي فرض جو ثواب ۽ ان ۾ لَيۡلَةُ الۡقَدۡر مقرر فرمائيندس، جيڪو هن مهيني ۾ شرمندگي ۽ سچائي سان هڪ ڀيرو استغفار (يعني توبہ) ڪندو

جيڪڏهن انهيءَ رات يا اُنهيءَ مهيني ۾ مري ويو تہ ان کي ٽيهہ شهيدن جو ثواب عطا فرمائيندس.

(حاشيه فتاويٰ رضويه جلد5 ص 52 تا 54)

پڑھتے رہو نماز کہ جنت میں جاؤ گے
ہو گا وہ تم پہ فضل کہ دیکھے ہی جاؤ گے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فجر جي نماز جا فضائل

## فجر جي نماز پڙهڻ وارو الله جي ذمي

صحابي ابن صحابي سيدنا عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي، سردارِ مڪہءِ مڪرمہ، سرڪارِ مدينہءِ منوره صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمائن ٿا: جيڪو صبح جي نماز پڙهندو آهي اهو شام تائين الله پاڪ جي ذمي آهي. (معجم الکبير جلد12 ص240 حديث:13210) هڪ بي روايت ۾ آهي: ”توهان الله پاڪ جو ذمو نہ ٽوڙيو جيڪو الله پاڪ جو ذمو ٽوڙيندو الله پاڪ ان کي اونڌو ڪري دوزخ ۾ وجهندو.

(مسند امام احمد بن حنبل جلد2 ص 445 حديث 5905)

## نمازِ فجر جي پابندي ڪير ڪري سگهي ٿو؟

حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا: ”جيڪو فجر جي نماز اخلاص سان پڙهي اهو الله پاڪ جي حفاظت ۾ آهي ۽ خاص صبح (يعني فجر) جي نماز جو ذڪر ڪرڻ ۾ حڪمت اها آهي تہ هن نماز ۾ محنت گهڻي آهي ۽ ان جي پابندي صرف اهو ئي ماڻهو ڪري سگهي ٿو جنهن جو ايمان خالص هجي،

انھيءَ ڪري اھو پناھ جو مستحق ھوندو آھي.“ ٻئي جڳھ تي لکن ٿا: الله پاڪ جو ذمو ٽوڙڻ جي سخت وعيد (يعني سزا جي ڌمڪي) ۾ فجر جي نماز پڙھڻ واري ماڻھوءَ کي تڪليف پھچائڻ کان ڊڄڻ جو بيان آھي.
(فيض القدير جلد6ص 213 کان 214)

## شيطان جو جھنڊو

حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آھي، منھنجي آقا، تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آھي: ”جيڪو صبح جي نماز جي لاءِ ويو اھو ايمان جي جھنڊي سان ڳڏ ويو ۽ جيڪو صبح جو بازار ويو اھو ابليس جي جھنڊي سان ڳڏ ويو.“
(ابن ماجه جلد3 ص 53، حديث:2234)

## رحماني ۽ شيطاني ٽولو

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ھن حديث جي حوالي سان لکن ٿا تہ: يعني انسان جا ٻہ ٽولا آھن: (1) حِزبُ الله (يعني الله جو ٽولو) ۽ (2) حِزبُ الشَّيطٰن (يعني شيطان جو ٽولو). انھن جي سڃاڻپ اھا آھي تہ رحماني ٽولي وارا ڏينھن جي شروعات نماز ۽ الله پاڪ جي ذڪر سان ڪندا آھن ۽ شيطاني ٽولي وارا بازار ۽ دنياوي ڪاروبار سان ڪندا آھن. خيال رھي تہ دنياوي ڪاروبار ڪرڻ منع ناھي پر صبح سوير اٿيندي ئي نہ خدا جو نالو نہ ان جي عبادت بلڪ اُن (يعني دنياوي ڪمن) ۾ لڳي وڃڻ اھو شيطاني ڪم آھي.
(مرأة المناجيح جلد1 ص399)

# شيطان جوٽي ڳنڍيون ٻڌڻ

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي تہ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪوئي سمهندو آهي تہ شيطان اُن جي ڪنڌ جي پوئين حصي ۾ ٽي ڳنڍيون ٻَڌندو آهي، هر ڳنڍ تي اها ڳالهہ دل ۾ ويهاريندو آهي تہ اجا رات وڏي آهي سمهي رهہ، پوءِ جيڪڏهن اهو جاڳي الله پاڪ جو ذڪر ڪري تہ هڪ ڳنڍ کُلي ويندي آهي، جيڪڏهن وضو ڪري تہ ٻي ڳنڍ کُلي ويندي آهي ۽ نماز پڙهي تہ ٽئي ڳنڍ بہ کُلي ويندي آهي، پوءِ اهو خوش ٿي ۽ تروتازه ٿي صبح ڪندو آهي، نہ تہ غمگين دل ۽ سستي سان صبح ڪندو آهي.

(بخاري شريف جلد1 ص387،حديث:1142)

# صبح جي وقت مزي واري ننڊ جو سبب

حضرت علامہ مولانا مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن حديث جي حوالي سان لکن ٿا: شيطان انسان جي وارن ۾ يا ڏاڪي ۾ صبح جي وقت غفلت جون ٽي ڳنڍيون ٻَڌندو آهي، انهيءَ ڪري صبح جي وقت وڏي مزي واري ننڊ ايندي آهي، حضور صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٽنهي ڳنڍين جي کولڻ جي لاءِ ٽي عمل ارشاد فرمايا. (جيڪي بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ موجود آهن)

(مرأة المناجيح جلد2 ص253)

# وقت شروع ٿيندي ئي فجر جي سنت پڙهي وٺڻ بهتر آهي

”ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت“ صفحي 352 تي آهي: (فجر جي) ابتدائي وقت ۾ سنتون پڙهڻ اوليٰ (يعني بهتر) آهي.

## پريشان حال ٿي صبح ڪرڻ وارو ڪير؟

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي هن حصي ”پوءِ اهو خوش ٿي ۽ تروتازه ٿي صبح ڪندو آهي“ جي حوالي سان فرمائن ٿا: چوته اهو شيطان جي قيد ۽ غفلت جي چادر کان جوتڪارو ماڻي الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هوندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪو ماڻهو رات جو اٿي نہ ذِڪرُاللّٰه ڪندو آهي ۽ نہ وضو ڪري نماز پڙهندو آهي بلڪ شيطان جي فرمانبرداري ڪندي ستو پيو هوندو آهي ايسيتائين جو ان جي فجر جي نماز نڪري ويندي آهي، تہ اهو غمگين دل ۽ ڪيترن ئي فڪرن سان ۽ پنهنجا ڪم پورا ڪرڻ جي تعلق سان حيران ۽ پريشان ٿي صبح ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي اُن ۾ ناڪام رهندو آهي چوتہ اهو الله پاڪ جي ويجهڙائپ کان دور ٿي شيطان جي ڏوڪي واري جار ۾ ڦاسي چڪو هوندو آهي.

(مرقاة المفاتيح جلد3 ص295 کان 396)

يااِلٰہی! فجر میں اٹھنے کا ہم کو شوق دے

سب نمازیں ہم جماعت سے پڑھیں وہ ذوق دے

## شيطان ڪن ۾ پيشاب ڪيو آهي

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ بيان ڪن ٿا تہ بارگاهِ رسالت ۾ هڪ ماڻهوءَ جي باري ۾ ٻڌايو ويو تہ هُو صبح تائين ستل رهيو ۽ نماز جي لاءِ نہ اٿيو تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ان ماڻهو جي ڪَن ۾ شيطان پيشاب ڪيو آهي.“

(بخاري جلد1 ص388، حديث: 1144)

## فجر جي لاءِ نہ جاڳڻ وڏي نحوست آهي

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حصي (نماز جي لاءِ نہ اٿيو) جي حوالي سان فرمائن ٿا (يعني) نماز تهجد جي لاءِ يا نمازِ فجر جي لاءِ (نہ اٿيو)، پهريان (يعني تهجد ۾ نہ اٿڻ واري) معنٰي وڌيڪ مناسب آهي ڇوتہ صحابہءِ ڪرام (عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) فجر جي نماز قضا نہ ڪندا هئا ۽ ممڪن آهي (اهو) ڪنهن منافق جو واقعو هجي جيڪو فجر جي نماز ۾ نہ ايندو هو. معلوم ٿيو تہ فجر جي نماز ۾ نہ جاڳڻ وڏي نحوست آهي، پڻ ڪوتاهي ڪرڻ وارن جي شڪايت اصلاح جي ارادي سان ڪرڻ جائز آهي غيبت ناهي.

(مرأة المناجيح جلد ص254)

## شيطان واقعي پيشاب ڪندو آهي

حضرت علامہ محمد بن احمد انصاري قرطبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي ڳالھ ثابت آهي تہ شيطان ڪائيندو، پيئندو ۽ نڪاح ڪندو آهي تہ جيڪڏهن اهو پيشاب بہ ڪري وٺي تہ ان ۾ ڪهڙي رڪاوٽ آهي.

(عمدة القاري جلد5 ص483)

شيطان کو بھگائے گی اے بھائیو! نماز
فردوس میں بسائے گی اے بھائیو! نماز

## شيطان جو سرمو

”قوت القلوب“ ۾ آهي: شيطان وٽ **سعوط** (نڪ ۾ وجهڻ واري ڪا شيءِ)، **لعوق** (چٽڻ واري ڪا شيءِ) ۽ **ذُرُور** (اک ۾ وجهڻ واري ڪا شيءِ) آهي، جڏهن اهو ٻانهي جي نڪ ۾ (سعوط) وجهندو آهي تہ ان جا اخلاق برا ٿي ويندا آهن، جڏهن (لعوق)

چٺائيندو آهي تہ اُن جي زبان برو ڳالهائڻ واري تي ويندي آهي ۽ جڏهن ٻانهي جي اک ۾ (ڏرُور) وجهندو آهي تہ سڄي رات ستو پيو هوندو آهي ايستائين جو صبح تي ويندو آهي.

(قوت القلوب جلد1 ص76)

فجر کا وقت ہو گیا اُٹھو! اے غلامانِ مصطفیٰ اُٹھو!

(وسائل بخشش (مرمم)ص- ۶۶۶)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تهجد يا فجر جي لاءِ اٿڻ جو مدني نسخو

نمازِ تهجد يا فجر ۾ اٿڻ جي لاءِ سمهڻ وقت سيپاري 16، سورة الكهف جون آخري 4 آيتون پڙهي وٺو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا لَا يَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ الْبَحْرُ مِدَادًا لِّكَلِمٰتِ رَبِّيْ لَنَفِدَ الْبَحْرُ قَبْلَ اَنْ تَنْفَدَ كَلِمٰتُ رَبِّيْ وَ لَوْ جِئْنَا بِمِثْلِهٖ مَدَدًا ﴿۱۰۹﴾ قُلْ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَاۤ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾[1]

---

[1] ...ترجمو: بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا فردوس جا باغ انهن جي مهماني جي لاءِ آهن. اهي سدائين انهن ۾ رهندا، اتان ڪان ٻي جاءِ مَٽائڻ نہ چاهيندا. اوهان فرمايو: جيڪڏهن سمنڊ منهنجي رب جي ڪلمن جي لاءِ مَس ٿي وڃي تہ ضرور سمنڊ ختم ٿي ويندو ۽ منهنجي رب جا ڪلما ختم نہ ٿيندا جيتوڻيڪ اسان ان جي مدد جي لاءِ انهيءَ سمنڊ جهڙو ٻيو آڻيون. اوهان فرمايو: ظاهري صورت ۾ تہ مان توهان جهڙو بشر آهيان منهنجي طرف وحي ايندي آهي تہ توهان جو معبود هڪڙو ئي معبود آهي پوءِ جيڪو پنهنجي رب سان ملاقات جي اميد رکندو هجي ان کي گهرجي تہ نيڪ ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري.

۾ نيت ڪيو تہ ”مونکي ايتري وڳي اٿڻو آهي.“ اِنْ شَآءَاللّٰه آياتِ مبارڪہ پڙهڻ جي برڪت سان اک کُلي ويندي. جيڪڏهن شروع ۾ اک نہ بہ کُلي تہ مايوس نہ ٿجو، وظيفو جاري رکو. اِنْ شَآءَاللّٰه آهستي آهستي ترڪيب بڻجي ويندي.

## جاڳڻ جي لاءِ آلارم لڳايو

مقرر وقت تي جاڳڻ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ هڪ بلڪ ٽن گهڙين تي آلارم لڳائي سمهون تہ جيئن ڪنهن سبب جي ڪري هڪ بند ٿي وڃي تہ بہ گهڙيون جاڳائڻ جي لاءِ موجود رهن. موبائل فون ۾ بہ آلارم جي سهولت هوندي آهي. جيڪڏهن رات جو دير سان سمهڻ جي ڪري نمازِ فجر جي لاءِ اک نٿي کُلي يا ڪو جاڳائڻ وارو موجود نہ آهي تہ ضروري آهي تہ جلدي سمهي پئو ڇوتہ فقهاءِ ڪرام فرمائن ٿا: ”**جڏهن اهو انديشو هجي تہ صبح جي نماز قضا ٿي ويندي تہ بنا ضرورتِ شرعي ان کي رات دير تائين جاڳڻ منع آهي.**“

(ردالمحتار جلد2 ص33)

## ننڊ ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو طريقو

منهنجا آقا اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز ظهر جي جماعت کان اڳ سمهڻ واري کي مدني گل ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: ”صحيح آ منجهند جو سمهہ، پر نہ ايترو جو جماعت جو وقت اچي وڃي، ٿوري دير جو قيلولہ ڪافي آهي. جيڪڏهن ڏکهي ننڊ کان خوف ڪرين تہ تہ وهاڻو نہ رک، بستر نہ وڇاءِ جو بنا وهاڻي ۽ بستر جي سمهڻ بہ سنت آهي. سمهڻ مهل دل جماعت سان لڳائي رک جو فڪر جي ننڊ غافل ٿيڻ نہ ڏيندي، ڪاڏو جيتري قدر ٿي سگهي صبح سوير کاءُ جو سمهڻ وقت تائين کائڻ جي سبب اٿڻ واري گرمي دور ٿي وڃي ۽ ڏکهي ننڊ جو سبب نہ بڻجي. سڀ کان بهتر علاج گهٽ کائڻ آهي. سمهڻ

وقت الله پاڪ کان جماعت جي توفيق جي دعا ۽ ان تي سچو توڪل (ڀروسو) رکي. الله ڪريم جڏهن تنهنجي چڱي نيت ۽ سچو اِرادو ڏسندو (تہ) ضرور تنهنجي مدد فرمائيندو.“ هڪ جڳهه فرمائن ٿا: پيٽ ڀري رات جي عبادت جو شوق رکڻ سنڌ عورت کان ٻار گهرڻ جيان آهي، جيڪو گهٽو کائيندو (اهو) گهٽو پيئندو، جيڪو گهٽو پيئندو (اهو) گهٽو سمهندو، جيڪو گهٽو سمهندو (اهو) پاڻ ئي اهي پلايون ۽ برڪتون وڃائيندو.

(فتاويٰ رضويه جلد7 ص88 کان 90 تسهيلاً)

اللہ اللہ کے نبی سے
فریاد ہے نفس کی بدی سے

شب بھر سونے سے غرض تھی
تاروں نے ہزار دانت پیسے

(حدائق بخشش ، ص۔ ۱۴۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جڻ سڄي رات عبادت ڪئي

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو عشاء جي نماز جماعت سان پڙهي جڻ اُن اڌ رات قيام ڪيو ۽ جيڪو فجر جماعت سان پڙهي جڻ ان پوري رات قيام ڪيو.

(مسلم شريف ص 658، حديث: 1491)

## حديث جي شرح

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن حديث جي حوالي سان فرمائن ٿا: هن جا بہ مطلب ٿي سگهن ٿا: هڪ اهو تہ عشاء جي باجماعت نماز جو ثواب اڌ رات جي عبادت جي برابر آهي ۽ فجر جي باجماعت نماز جو ثواب باقي اڌ رات جي عبادت جي برابر، پوءِ

جيڪو هي ٻئي نمازون جماعت سان پڙهي وٺي ان کي سڄي رات عبادت جو ثواب. پيو اهو ته عشاء جي جماعت جو ثواب اڌ رات جي برابر آهي ۽ فجر جي جماعت جو ثواب سڄي رات عبادت جي برابر، ڇوته هي (يعني فجر جي) جماعت عشاء جي جماعت کان وڌيڪ ڏُکي (يعني نفس تي ڳري) آهي، پهريان واريون معنائون وڌيڪ مضبوط آهن. جماعت مان مراد تڪبيرِ اولٰي حاصل ڪرڻ آهي جيئن ڪجھ عالمن سڳورن فرمايو. (مرآة المناجيح جلد1 ص396) بهارِ شريعت جلد اول صفحي 509 تي آهي: پهرين رڪعت جو رڪوع ملي ويو ته تڪبيرِ اولٰي جي فضيلت ماڻي ويو.

(عالمگيری جلد1 ص69)

## حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جو تذڪرو

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! هاڻي اوهان جيڪا حديثِ پاڪ ٻڌي ان جو راوي (يعني بيان ڪرڻ وارو) جامع القرآن، ٽيون خليفو، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ آهن، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي مقام ۽ مرتبي جو ڇا شان آهي! سندن لقب ”ذوالنورين“ (ٻن نورن وارو) بہ آهي ڇاڪاڻ جو الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجون ٻہ شهزاديون هڪبئي پٺيان حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي نڪاح ۾ ڏنيون هيون ۽ فرمايو: جيڪڏهن منهنجون ڏھ ڌيئرون بہ هجن ها تہ مان هڪ کان پوءِ ٻئي سان تنهنجو نڪاح ڪري ڇڏيان ها ڇوتہ مان توسان راضي آهيان.

(معجم اوسط جلد4 ص222حديث: 6116)

نور کی سرکار سے پایا دوشالہ نور کا
ہو مبارک تم کو ذوالنورین جوڑا نور کا

(حدائقِ بخشش شريف ص246)

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ابتداءِ اسلام کان ئي مسلمان ٿي

ويا هئا، سندن جي ڪنيت ”ابوعَمرو“ ۽ لقب جامع القرآن آهي، سندن کي ”صاحب الهجرتين“ (يعني ٻن هجرتن وارو) به چيو ويندو آهي ڇوته پاڻ پهريان حبشه ۽ بعد ۾ مديني شريف ڏانهن هجرت ڪئي.

(ڪراماتِ عثمانِ غني ص3-4)

## عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو اتباع رسول

امير المؤمنين، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ زبردست عاشقِ رسول بلڪ عشقِ مصطفيٰ جو عملي نمونو هئا جڏهن گفتگو ڪندا هئا ته الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن ۽ ادائن کي خوب خوب اپنائيندا هئا. جيئن ته هڪ ڏينهن حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مسجد جي دروازي تي ويهي ٻڪريءَ جي دستي (ران) جو گوشت گهرايو ۽ کاڌائون ۽ بنا نئين وضو جي نماز ادا ڪيائين پوءِ فرمايائون ته رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم به هن جاءِ تي ويهي اهو ئي گوشت کاڌو هو ۽ هن ئي طرح ڪيو هو.

(مسند امام احمد بن حنبل جلد 1 ص137، حديث441)

## ٻه ڀيرا جنت خريدي ورتي

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو شان تمام گهڻو بلند آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي مبارڪ زندگي ۾ مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان ٻه ڀيرا جنت خريد ڪئي، هڪ ڀيرو ”بيرِرُومه“ يهودين کان خريد ڪري مسلمانن جي پاڻي پيئڻ جي لاءِ وقف ڪري ۽ ٻيو ڀيرو ”جيشِ عسرت (يعني غزوهءِ تبوڪ)“ جي موقعي تي. جيئن ته غزوهءِ تبوڪ جي موقعي تي مسلمانن جي مفلسي کي ڏسندي پهرين ڀيري سؤ اُٺ، ٻئي ڀيري

ٻه سؤ اُٺ ۽ ٽئين ڀيري ٽي سؤ اُٺ ڏيڻ جو واعدو ڪيو. راوي چون ٿا: مون ڏٺو ته حضور انور، مديني جي تاجور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو ٻڌي منبر تان هيٺ لهي ٻه ڀيرا فرمايو: ”اج کان وٺي عثمان جيڪو ڪجھ ڪري ان کان پڇاڻو ناهي.“ (ترمذي شريف جلد5 ص391،حديث:3720) شرم و حياء، عاجزي، اتباعِ سنت، خوفِ خدا ۽ فڪرِ آخرت سندن جي سيرت مبارڪ جا سڄ جيان روشن پهلو آهن. خوفِ خدا جو اهو عالم هو ته يقيني جنتي هئڻ جي باوجود جڏهن ڪنهن قبر وٽ بيهندا هئا ته ايتري قدر روئندا هئا جو ڳوڙهن سان سندن ڏاڙهي مبارڪ آلي ٿي ويندي هئي.
(ترمذي جلد4 ص138، حديث:2315)

## وفات شريف

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٻارهن سال خلافت جي تخت تي فائز رهي 18 ذوالحج سن35 هجري ۾ جمعي جي ڏينهن روزي جي حالت ۾ لڳ ڀڳ 82 سال جي ڏکهي عمر ماڻي نهايت مظلوميت سان جامِ شهادت نوش فرمايائون. شهادت کانپوءِ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا رحمتِ عالم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خواب ۾ فرمائيندي ٻڌو: بيشڪ عثمان (رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) کي جنت ۾ عاليشان گھوٽ بڻايو ويو آهي. (الرياض النضرة جلد2ص76) الله رَبُّ الْعِزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ملی تقدیر سے مجھ کو صحابہ کی ثناخوانی
ملا ہے فیضِ عثمانی ملا ہے فیضِ عثمانی
(وسائل بخشش، ص ۵۸۴)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب
صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جمعي جي فجر باجماعت جي خصوصي فضيلت

حضرت اَبُو عُبَيده بن جَرّاح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بيان ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم، رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جمعي جي ڏينهن پڙهي ويندڙ فجر جي باجماعت نماز کان افضل ڪا نماز ناهي، منهنجو گمان (يعني خيال) آهي توهان مان جيڪو ان ۾ شريڪ ٿيندو ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.”

(معجم ڪبير جلد1 ص156، حديث: 366)

## نبيءَ جو گمان يقين جي برابر هوندو آهي

اي عاشقانِ رسول! هن حديث پاڪ ۾ چيو ويو آهي: ”منهنجو گمان (يعني خيال) آهي.“ هن حديث جي شرح هي آهي تہ نبيءَ جو گمان (يعني خيال) يقين جي برابر هوندو آهي. (نزهة القاري جلد1 ص275) لهٰذا مطلب اهو ٿيو تہ واقعي جمعي جي فجر نماز باجماعت پڙهڻ واري جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. احاديثِ مبارڪ ۾ جتي گناهہ معاف ٿي وڃڻ جو تذڪرو ٿيندو آهي اتي صغيره يعني ننڍن گناهن جي معافي ملڻ مراد هوندو آهي جڏهن تہ ڪبيره يعني وڏا گناهہ توبہ کان معاف ٿيندا آهن.

## فجر ۽ عشاء چاليهہ ڏينهن باجماعت پڙهڻ جي عظيم الشان فضيلت

جيڪو خوشنصيب لڳاتار چاليهہ ڏينهن تائين فجر ۽ عشاء باجماعت ادا ڪندو آهي اهو جهنم ۽ منافقت کان آزاد ڪيو ويندو آهي جيئن خادمِ نبي، حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنهن چاليهہ

ڏينهن فجر ۽ عشاء باجماعت پڙهي ان کي الله پاڪ ٻہ آزاديون عطا فرمائيندو. هڪ نار (يعني باھ) کان، ٻي نفاق (يعني منافقت) کان.

(ابن عساکر جلد52ص338)

## دوزخ کان آزادي

اميرالمؤمنين حضرت عمرفاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي سرڪارمدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمجو فرمانِ عاليشان آهي: "جيڪو چاليھ راتيون مسجد ۾ باجماعت نمازِ عشاء اهڙي نموني پڙهي جو پهرين رڪعت فوت نہ ٿئي، اللّٰہ پاڪ ان جي لاءِ دوزخ کان آزادي لکي ڇڏيندو آهي."

(ابن ماجه جلد1ص437،حديث:798)

## رسالن جي برڪت

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** باجماعت نماز جي ادائيگي جو ذهن مضبوط بنائڻ، نماز جي خاطر مني ننڊ قربان ڪرڻ ۽ هر حال ۾ رضاءِ اِلٰهي ماڻڻ ۽ جدوجهد جي سوچ اختيار ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رهڻ نهايت فائديمند آهي. اچو! دعوتِ اسلامي جي هڪ **"مدني بهار"** ٻڌون ٿا: فيصل آباد جو هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ تمام گهڻو فيشن پسند هو جڏهن بہ مارڪيٽ ۾ نئين فيشن جي پينٽ شرٽ ايندي هئي اهو خريد ڪري وٺندو هو. دنيا جي رنگينن ۾ اهڙي طرح گم هيو جو ان جي نماز پڙهڻ جي لاءِ بہ دل نہ ڪندي هئي، ان جو والد فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائيندو هو تہ "سياٽي کان پڙهندس، هن جمعي کان نماز پڙهڻ شروع ڪندس" جهڙا بهانا ٺاهيندو هو.

ان جو وڏو ڀاءُ جيڪو ڪاليج ۾ پڙهندو هو، اهو خوشقسمتي سان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويو جنهن جا اثرات گهر تائين به پهتا. وڏو ڀاءُ هڪ ڏينهن سنتن ڀري اجتماع کان موٽيو ته مڪتبة المدينه جا ڪجهه رسالا وٺي آيو، جڏهن ننڍي ڀاءُ اهي رسالا پڙهيا ته انهن جي دل تي گهرو اثر ٿيو ته هاڻي مونکي به دعوتِ اسلامي وارو بڻجڻو آهي. بهرحال اهو به دعوتِ اسلامي جي سنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿيو جتي ان بيان **”ڪارا وچون“** ٻڌو. ان روئي توبه ڪئي ۽ ڏاڙهي شريف چهري تي سجائڻ شروع ڪئي. اهو غوثِ پاڪ جو مريد به بڻيو ۽ دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم ڪندي ڪندي درسِ نظامي ۾ داخلا به ورتائين ۽ ”وڪلا مجلس“ جو صوبائي ذميدار به بڻيو.

اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر
گناہوں کی دے گا دوا مدنی ماحول

(وسائل بخشش (مرمم) ص- ۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فجر ۽ عصر جون فضيلتون

## فرشتن جي تبديلي جا وقت

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: توهان وٽ ملائڪ واري واري سان ايندا آهن ۽ فجر ۽ عصر جي نمازن ۾ جمع ٿي ويندا آهن، پوءِ

اهي ملائڪ جن توهان ۾ رات گذاري آهي مٿي هليا ويندا آهن، الله پاڪ باخبر هجڻ جي باوجود انهن کان پڇندو آهي: توهان منهنجي ٻانهن کي ڪهڙي حال ۾ ڇڏيو؟ اهي عرض ڪندا آهن: اسان انهن کي نماز پڙهندي ڇڏيو ۽ جڏهن اسان انهن وٽ پهتا هئاسين تڏهن به اهي نماز پڙهي رهيا هئا.

(بخاري جلد1ص203، حديث:555)

## هر بالغ سان 62 ملائڪ

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حديث پاڪ جي هن حصي (فجر ۽ عصر جي نمازن ۾ جمع ٿي ويندا آهن) جي حوالي سان فرمائن ٿا: هتي ملائڪن مان مراد يا ته عمل لکڻ وارا به ملائڪ آهن يا انسان جي حفاظت ڪرڻ وارا سٺ ملائڪ، هر نابالغ سان سٺ (60) ملائڪ هوندا آهن ۽ بالغ سان 62. انهيءَ ڪري نماز جي سلام ۾ ٻين سلامن ۾ ان جي نيت ڪئي ويندي آهي. انهن ملائڪن جون ڊيوٽيون بدلجنديون رهنديون آهن، ڏينهن ۾ ۽ رات ۾ پر فجر ۽ عصر ۾ پويان ملائڪ اچان ويندا ئي ناهن ته اڳيان ڊيوٽي وارا اچي ويندا آهن ته جيئن اسان جي ابتداء ۽ انتها (يعني شروع ڪرڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪيفيت) جا گواهه وڌيڪ هجن. هن حصي (مٿي هليا ويندا آهن) جي حوالي سان لکن ٿا ته: پنهنجي”هيڊ ڪوارٽر“ جي طرف جتي انهن جو مقام آهي. مفتي صاحب حديث پاڪ جي هن حصي (اسان انهن کي نماز پڙهندي ڇڏيو ۽ جڏهن اسان انهن وٽ پهتا هئاسين تڏهن به اهي نماز پڙهي رهيا هئا) جي حوالي سان لکن ٿا: هن جو مطلب يا ته اهو آهي ته ملائڪ نمازين جي پرده پوشي ڪندا آهن ته آسپاس جي نيڪين جو ذڪر ۽ درميان جي گناهن کان

خاموشي يا مطلب هي آهي تہ اي مولا! جن ٻانهن جي ابتداء ۽ انتها (يعني شروعات ۽ اختتام جي ڪيفيت) اهڙي هجي ان ۾ هميشہ برڪت ئي برڪت رهندي آهي.

(مرأة المناجيح جلد1 ص 394 تا 395)

## ملائڪن واري حديث جا عمدہ مدني گل

❖ نماز هڪ اعلٰي عبادت آهي تہ ان جي باري ۾ سوال ۽ جواب ٿيندو آهي. ❖ نمازِ عصر ۽ فجر ٻين نمازن جي مقابلي ۾ وڌيڪ عظمت واريون آهن. ❖ هن حديث پاڪ ۾ انهن ٻنهي وقتن جي عظمت ۽ بزرگي جي طرف اشارو آهي ڇوتہ فجر جي نماز ڪانپوءِ رزق تقسيم ٿيندو آهي جڏهن تہ ڏينهن جي آخري حصي (يعني عصر جي وقت) ۾ عمل کنيا ويندا آهن، تہ جيڪو ماڻهو انهن ٻنهي وقتن ۾ مصروفِ عبادت هوندو آهي ان جي ”رزق ۽ عمل“ ۾ برڪت ٿيندي آهي. هي امت تمام امتن کان افضل آهي ۽ هن امت جي افضل هجڻ سان الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تمام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام کان افضل هئڻ لازم اچي ٿو.

(عمدة القاري جلد4 ص65)

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213
Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net